# سنڌالاجي خبرنامو

ٽه ماهي

SINDHOLOGY NEWSLETTER

جلد: 35 – 36 – 37 – ڊسمبر 2025ع تائين


## اداريو

سنڌالاجي خبرنامي جو تازو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي. هن شماري ۾ گذريل ڇهن مهينن جون سرگرميون شامل آهن، جن ۾ اداري ۾ ٿيل مختلف پروگرامن سان گڏ ناميارين شخصيتن، اسڪولن، ڪاليجن، يونيورسٽين جي شاگردن، استادن سميت مختلف ادارن جي وفدن جي دورن جو پڻ مختصر تفصيل شامل ڪيو ويو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي موجوده ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف جيڪو علم، ادب ۽ تحقيق جي شعبن ۾ نمايان سڃاڻپ رکي ٿو، ان 28 جون 2025ع تي چارج سنڀالڻ کانپوءِ اداري جي ترقي ۽ ترويج جي سلسلي ۾ نمايان قدم کنيا آهن. سندس ڪوشش سان نه رڳو اداري اندر علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي هٿي ملي آهي، پر سمورن شعبن جي ڪارڪردگي ۾ پڻ اضافو ٿيو آهي. هي ادارو جنهن مقصدن تحت قائم ٿيو ۽ هن جا جيڪي اصل ڪم آهن، انهن تي صحيح رخ ۾ اڳيرائي جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جيئن ته سنڌ يونيورسٽيءَ جو حصو آهي، ان ڪري ان جي ترقي ۽ واڌ ويجهه لاءِ وائيس چانسلر جو ساٿ وڏي اهميت رکي ٿو. موجوده وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري پنهنجي عهدي جون ذميواريون سنڀالڻ سان ئي سنڌالاجي ڏانهن جوڳو ڌيان ڏنو آهي. سندس رهنمائي، ساٿ ۽ سهڪار سبب ئي اداري اندر ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ واڌارو ٿيڻ سان گڏ اداري جي ترقي جو نئون سفر شروع ٿيو آهي.

تحقيقي جرنلز جي ايڊيٽوريل بورڊز ۽ پبليڪيشن ڪاميٽي جي نئين جوڙجڪ ٿيڻ کانپوءِ اشاعتي مرحلن جي شروعات ٿي چڪي آهي. آڊيٽوريم کي بهتر بڻائڻ سان گڏ، ميوزيم اندر ڪارنرن جي نئين سر ترتيب جو سلسلو هلندڙ آهي. آرٽ گيلري کي نئين سر سنواريو ۽ وڌايو ويو آهي. مطالعي ۽ تحقيق لاءِ ايندڙ محققن ۽ شاگردن جي سهولت لاءِ تحقيقي لائبريري جي مطالعاتي هال کي ڪشادو بڻايو ويو آهي. ڪتاب ڪارنرن جي ترتيب بهتر ڪرڻ سان گڏ ڪتابن جي ڊجيٽلائزيشن وارو ڪم پڻ تيزي سان هلندڙ آهي. سنڌالاجي جي بلڊنگ، جنهن کي تعمير ٿئي اڌ صدي کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي، ان جي مرمت جي تمام گهڻي ضرورت هئي. موجوده ڊائريڪٽر جي ڪوشش ۽ وائيس چانسلر صاحب جي مهرباني سان ان سلسلي ۾ پڻ مثبت پيش رفت ٿي آهي ۽ ان جو مرمتي ڪم شروع ٿيڻ وارو آهي. اميد آهي ته موجوده انتظاميه جون اداري جي ترقي ۽ بهتري جي حوالي سان گهڻ رخيون ڪوششون ضرور رنگ لائينديون ۽ سنڌالاجي پنهنجو اڳيون عروج واپس ماڻيندي.

**ايڊيٽر**


سرپرست اعليٰ:
پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري
وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

نگران:
ڊاڪٽر فياض لطيف
ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

ايڊيٽر:
واحد پارس هيسباڻي
پبليڪيشن آفيسر

فوٽوگرافي:
الله بخش خاصخيلي

ڪمپوزنگ:
رضا احمد خاصخيلي

گرافڪس ڊزائنر:
فيصل ميمڻ

پبلشر:
ڊاڪٽر فياض لطيف
ڊائريڪٽر،
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

ڇاپيندڙ:
آڪاش پرنٽرس اينڊ پبلشرس، حيدرآباد
0312-0333484



Instituteofsindhology | Institute of Sindhology University of Sindh, Jamshoro | (022)9213259 | dir.sindhology@usindh.edu.pk sindhology21@yahoo.com

## سنڌالاجي جو نئون ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف



نامياري ليکڪ، استاد ۽ محقق ڊاڪٽر فياض لطيف انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو انچارج ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ بعد 28 جون 2025ع تي پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي. ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر سنڌالاجي جي آفيس ۾ منعقد ٿيل سادي تقريب ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف رٽائر ٿيندڙ ڊائريڪٽر غلام مرتضيٰ سيال کان چارج ورتي . چارج سنڀالڻ بعد نئين مقرر ٿيل ڊائريڪٽر سنڌالاجي جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو ۽ هلندڙ ڪم ڪار جو جائزو ورتو. ڊاڪٽر فياض لطيف جي ڊائريڪٽر طور مقرري کي سنڌ جي علمي ادبي حلقن طرفان تمام گهڻو ساراهيو ويو ۽ نامور ادبي شخصيتن طرفان سندس آفيس ۾ اچي توڙي سوشل ميڊيا تي تمام گهڻيون مبارڪون ڏنيون ويون . ڊاڪٽر فياض لطيف جي ڊائريڪٽر طور مقرري بعد اداري ۾ ڪافي بهتريون آيون آهن ۽ ڇهن مهينن دوران اهم ادبي تقريبون ٿيڻ سان گڏ اداري جي سمورن شعبن جي ڪارڪردگي ۾ پڻ نمايان تبديليون آيون آهن.سنڌالاجي جي وزٽ تي ايندڙ ڏيهي پرڏيهي وفدن، اديبن، عالمن، شاعرن ، محققن طرفان ڊائريڪٽر جي ڪوشش کي تمام گهڻو واکاڻيو پيو وڃي.

## خوبصورت وڻ، گل ۽ ٻوٽا سنڌالاجي جي سونهن "سرسبز سنڌ يونيورسٽي، سرسبز پاڪستان":

# سنڌالاجي ۾ وڻڪاري تقريب

خوبصورت وڻ، گل ۽ ٻوٽا جيڪي سنڌالاجي جي سونهن ۽ سڃاڻپ آهن. سنڌالاجي جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو ڪرڻ واري مقصد تحت پهرين آگسٽ 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ وڻڪاري تقريب منعقد ڪئي وئي. هي تقريب سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو طرفان جشن آزادي جي موقعي تي "سرسبز سنڌ يونيورسٽي، سر سبز پاڪستان" جي سري هيٺ شروع ڪيل وڻڪاري مهم جي ڪڙي هئي. ان موقعي تي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف اداري جي آفيسرن ۽ ملازمن سان گڏ ٻوٽا پوکيا. ان موقعي تي پنهنجا ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر فياض لطيف چيو تہ سنڌالاجي جو تصور ڪندي ذهن ۾ جيڪا پهرين تصوير جڙي ٿي اها رنگ برنگي گلن، ٻوٽن ۽ ڏگهن پام جي وڻن وچ ۾ سجيل خوبصورت عمارت آهي. هن چيو اڄ کان شروع ڪيل وڻڪاري مهم دوران وڌيڪ خوبصورت ٻوٽا پوکي سنڌالاجي جي سونهن ۾ اضافو ڪيو ويندو. هن چيو تہ جشن آزادي جي خوشين ڀري موقعي تي "سرسبز سنڌ يونيورسٽي، سرسبز پاڪستان" جي سري سان شروع ڪيل هي وڻڪاري مهم جتي حب الوطني جي جذبي کي اجاگر ڪرڻ جو زبردست موقعو آهي اتي يونيورسٽي اندر خوبصورتي پيدا ڪرڻ سان گڏ ماحولياتي حوالي سان پڻ لاڀائتي ثابت ٿيندي. ڊاڪٽر فياض لطيف وڌيڪ چيو تہ وڻ انساني جياپي جو اهم ذريعو آهن. جيڪي ماحوليات کي توازن ۾ رکن ٿا. هن وقت جڏهن پوري دنيا ماحولياتي تبديلي جهڙي خطرناڪ صورتحال مان گذري رهي آهي تہ وڻن جي اهميت گهٽي وڌي وئي آهي. اسان سڀني کي پنهنجي پنهنجي حصي جو هڪڙو ٻوٽو ضرور پوکڻ گهرجي. وڻڪاري تقريب ۾ سنڌالاجي جي آفيسرن سلميٰ قيوم شيخ، واحد پارس هيسباڻي، زاهد ڪلهوڙو، اعجاز ڪوسو، سلطان چانڊيو ڊاڪٽر انس راڄپر، صديقہ مغل، فوزيہ رستماڻي، سبين سهتو، عشرت ناز سولنگي، زبيده گهانگهرو فرزانہ پٺي، نازيہ عمراڻي، فرزانہ علڻ، ڪنيز سڪينہ، روح الله لاڪو، ذوالفقار علي گوپانگ، نظر حسين جوڻيجو جاني خاصخيلي، ذوهيب خاصخيلي، راشد سمون، رزاق سنجراڻي، پرويز سمون، شوڪت جتوئي، قلب عباس شاهہ، سلطان گوپانگ، احمد علي شيخ، عباس سولنگي، آفتاب گاڏهي، رفيق چانڊيو ذيشان لغاري، دلاور، اڪبر خاصخيلي، منظور ملاح، بچل راڄڙ، راڻو صديق درس، ٻيرو ۽ ٻين پڻ ٻوٽا پوکيا. ان موقعي تي سنڌالاجي جي مکيہ دروازي تي پاڪستان جو جهنڊو پڻ ڦڙڪايو ويو.



# فنڪارانه صلاحيتن ۽ تخليقي اظهار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ سنڌالاجي ۽ آرٽ اينڊ ڊيزائن وچ ۾ يادداشت نامي تي صحيحون



ثقافتي، تهذيبي ۽ تاريخي ورثي جي حفاظت توڙي واڌ ويجهه، تحقيق جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، فنڪارانه صلاحيتن ۽ تخليقي اظهار کي هٿي وٺرائڻ سان گڏ گڏيل نمائشون منعقد ڪرائي آرٽ کي پروموٽ ڪرڻ وارن مقصدن تحت 22 آگسٽ 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين وچ ۾ يادداشت نامي تي صحيحون ڪيون ويون. سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ منعقد هڪ سادي تقريب ۾ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ آرٽ اينڊ ڊزائين جي ڊائريڪٽر سعيد احمد منگي يادداشت تي نامي صحيون ڪيون. هن ايم او يو جو مقصد ٻنهي ادارن وچ ۾ هڪ گڏيل فريم ورڪ ۽ ٽيم ورڪ قائم ڪرڻ آهي، جنهن ذريعي ويندي.

ٽن سالن لاءِ ٿيل هن ايم او يو تحت گڏيل آرٽ نمائشون، ثقافتي پروگرام ۽ ادبي ميلن جو انتظام ڪيو ويندو. ساڳي طرح سنڌ جي فن، ثقافت، تاريخ ۽ ڊيزائن تي پڻ گڏيل تحقيقاتي منصوبا جوڙيا ويندا ۽ شاگردن لاءِ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ انٽرنشپس ۽ عملي سکيا جا موقعا پيدا ڪيا ويندا. ايم او يو تحت سنڌالاجي جي ميوزيم ڊسپلي، ثقافتي برانڊنگ ۽ پروموشنل مواد لاءِ شاگردن جي مدد حاصل ڪئي ويندي، جن کي علمي ۽ تخليقي منصوبن لاءِ ميوزيم، آرڪائيوز ۽ گيلري تائين رسائي فراهم ڪئي ويندي. ٻنهي ادارن جي فئڪلٽي ميمبرن جي تعاون سان گڏيل ليڪچر پروگرام، ورڪشاپ ۽ مهارت وڌائڻ وارا پروگرام منعقد ڪرائڻ، شاگردن جي سنڌي ثقافت ۽ تهذيبي ورثي سان لاڳاپيل مقالن ۽ تخليقي منصوبن جي گڏيل نگراني ڪرڻ، گڏيل اشاعتون ڪرائڻ، سنڌي ثقافت، آرٽ، نوادرات جي نماء ۽ دستاويزي رڪارڊ کي محفوظ ڪرڻ جي سلسلي ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ تي پڻ اتفاق ڪيو ويو.

# شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر طرفان سنڌالاجي جي سهڪار سان "بينظير ڀٽو - تاريخ ڪيس ڪيئن پرکيندي" جي سري هيٺ ليڪچر منعقد

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر طرفان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي سهڪار سان "بينظير ڀٽو- تاريخ ڪيس ڪيئن پرکيندي" جي سري هيٺ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پير حسام الدين راشدي ۾ هڪ اهم ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سهيل يونيورسٽي ڪراچي جي سوشل سائنسز فئڪلٽي جي ڊين ۽ انسٽيٽيوٽ آف هسٽوريڪل اينڊ سوشل ريسرچ ڪراچي جي ڊائريڪٽر ۽ نامياري




اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر سيد جعفر احمد پنهنجو تحقيقي ليڪچر پيش ڪيو. هن تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ عاجز ڌامراهه هو. ان موقعي تي ڊاڪٽر سيد جعفر احمد موضوع جي مناسبت سان بهترين ليڪچر پيش ڪيو. تقريب ۾ ليڪچرڪار ڊاڪٽر سيد جعفر احمد، وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ عاجز ڌامراهه پنهنجي خطاب ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نظرياتي سوچ، عظيم سياسي فڪر، جمهوريت لاءِ مثالي جدوجهد، تعليمي خدمتن، عورتن جي بااختياري لاءِ ڀرپور ڪردار، بهادري ۽ قربانين کي ڀيٽا پيش ڪندي کيس نه رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا جي عورتن لاءِ اميد ۽ حوصلي جي علامت قرار ڏنو ۽ چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي بهادري، ويزن ۽ اصولن سان عالمي سطح تي پاڪستان جو وقار بلند ڪيو. سندس تاريخي ڪردار سدائين ياد رکيو ويندو. تقريب جي شروعات ۾ شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ريحانه ملاح پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ تقريب ۾ شريڪ مهمانن کي ڀليڪار چيو. سندن شرڪت جا ٿورا مڃيا ۽ ليڪچر جي مقصدن تي روشني وڌي. تقريب ۾ نامياري راڳي ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي شاهه سائين جي وائي پيش ڪئي. تقريب جي ڪارروائي انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين جي استاد سبين شيخ هلائي.

# ”سنڌالاجي ڪتابي ميلو“ جتي سموري سنڌ جو شعور گڏ ٿيو

ڪتاب هر دور جي ضرورت آهن انهن جي اهميت ڪڏهن بہ ختم ناهي ٿيڻي: ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمياڻي


ڪتابي ميلو ڀرپور رهيو، شاگردن توڙي عام پڙهندڙن کي ڪتابن سان ڳنڍڻ وارو مقصد پورو ٿيو آهي: ڊاڪٽر فياض لطيف

ڪتابي ميلي جي آخري ڏينهن تي نامور ليکڪ ۽ مترجم جاويد راڄپر ليڪچر ڏنو











انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري پاران 8 سيپٽمبر 2025ع تي منعقد ٿيندڙ "سنڌالاجي ڪتابي ميلو" جيتوڻيڪ ڇهہ ڏينهن منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو هو پر ميلي ۾ شرڪت ڪندڙن جي ڀرپور دلچسپي کي ڏسندي اهو ڪتابي ميلو وڌيڪ ٽي ڏينهن وڌايو ويو ۽ 8 سيپٽمبر کان شروع ٿيندڙ هي ميلو 16 سيپٽمبر تائين جاري رهيو. 9 ڏينهن واري هن ڪتابي ميلي ۾ سنڌالاجي طرفان ادب، تاريخ، تحقيق، سماجيات، ثقافت سميت مختلف موضوعن تي سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ ڇپرايل ڪتابن، ڊڪشنرين ۽ تحقيقي جرنلن سميت سنڌ يونيورسٽي جي مختلف چيئرز جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ چيئر، مرزا قليچ بيگ چيئر، علامہ آء آء قاضي چيئر، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چيئر ۽ علامہ غلام مصطفيٰ' چيئر شامل آهن، انهن جا ڇپرايل ڪتاب پڻ رکيا ويا. جيڪي 50 کان 60 سيڪڙو تائين خصوصي رعايت سان ڏنا ويا. 8 سيپٽمبر تي سنڌالاجي ڪتابي ميلي جو افتتاح سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمياڻي ڪيو. وائيس چانسلر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ تقريب ۾ شريڪ معزز استادن، آفيسرن، اديبن ۽ اسڪالرن سان گڏ ڪتابن جي اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ تمام گهڻي دلچسپيءَ سان ڪتاب ڏٺا. ڪتابي ميلي جي افتتاحي تقريب ۽ اختتامي تقريب ۾ ميڊيا سان پنهنجا ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمياڻي چيو تہ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ جي علمي ۽ ثقافتي ورثي جي حفاظت ۽ واڌ ويجهہ ۾ هميشہ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن اداري ۾ موجود علمي، تاريخي ۽ ثقافتي خزانو تمام گهڻو قيمتي آهي. سنڌالاجي سنڌ جي دري آهي، جنهن مان سنڌ جي قديم ۽ جديد روايتن جا خوبصورت رنگ پسي سگهجن ٿا. هن چيو تہ سنڌالاجي ۽ سنڌ يونيورسٽي جي مختلف جو هي گڏيل ڪتابي ميلو منعقد ڪري انتهائي رعايتي اگهن تي ڪتاب وڪرو ڪرڻ جو مقصد وڌ ۾ وڌ ماڻهن تائين ڪتاب پهچائڻ آهي. هن چيو تہ هي ڪتابي ميلو رڳو واپار لاءِ ناهي پر اهو خيالن جي ڏي وٺ ۽ مڪالمو وڌائڻ لاءِ هڪ پليٽ فارم آهي. ڪتابي ميلي جي آخري ڏينهن 16 سيپٽمبر 2025ع تي اداري جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ “جديد دور ۾ ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت” جي موضوع تي ليڪچر منعقد ٿيو. جنهن جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمياڻي ڪئي. پنهنجي صدارتي خطاب ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمياڻي چيو تہ ڪتاب هر دور جي ضرورت آهن انهن جي اهميت ڪڏهن بہ ختم ناهي ٿيڻي. اڄ بہ پوري دنيا اندر وڏي تعداد ۾ ڪتاب ڇپجن بہ ٿا ۽ پڙهيا بہ وڃن ٿا. ٽيڪنالاجي جي ترقي ڪتابن تائين رسائي وڌيڪ آسان ڪري ڇڏي آهي. پوري دنيا اندر ڪتابن جي ڊجيٽلائيزيشن وڏي رهي آهي. اي لائبريرين ذريعي گهر ويٺي ڪتابن جي بي بها خزاني مان فائدو حاصل ڪيو پيو وڃي. هن چيو تہ سنڌ يونيورسٽي پڻ ڪتابن جي ڊجيٽلائيزيشن تي ڪم ڪري رهي آهي. سنڌالاجي ۾ ڪيترائي ڪتاب ڊجيٽلائيز ڪيا ويا آهن ۽ اهو سلسلو تيزي سان هلندڙ آهي. ڪتابن توڙي تحقيقي جرنلز جا نوان ايڊيشن ڊجيٽل فارم ۾ پڻ لاڳاپيل شعبن جي ويب سائيٽن تي رکيا پيا وڃن. هن چيو ڪتابي ميلي کي ڀرپور موٽ ملي آهي، هن ميلي جو مقصد ڪتابن جي وڪري مان پئسا ڪمائڻ نہ پر وڌ ۾ وڌ ماڻهن کي ڪتابن کان روشناس ڪرڻ هو جنهن ۾ اسان ڪافي حد تائين ڪامياب ويا آهيون. وائيس چانسلر ڪامياب ڪتابي ميلو منعقد ڪرڻ تي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ۽ سندس ٽيم کي مبارڪون ڏنيون. ان موقعي تي پنهنجا ويچار ونڊيندي سنڌ يونيورسٽي جي رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي ڄاريڪي چيو تہ شعور جي ڦهلاءَ ۾ ڪتابن جو اهم ڪردار آهي. ڪتاب ڄاڻ سان گڏ خوداعتمادي ۾ بہ اضافو ڪن ٿا. جيڪي ماڻهو ڪتابن جي مطالعي





کي معمول بڻائين ٿا، انهن جي سوچ ۽ سمجهه جو زاويو تبديل ٿي وڃي ٿو ۽ اهي ڄاڻ جي طاقت سان ڪاميابي سان اڳتي وڌن ٿا.

تقريب ۾ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجي خطاب وائيس چانسلر سميت سمورن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته هفتي کان وڌيڪ ڏينهن تائين هلندڙ ڪتابي ميلو اسان جي توقع کان وڌيڪ ڀرپور رهيو ۽ هن ميلي ۾ ڪتابن جي وڪري جا انگ اکر ٻڌائيندي چيو ته سنڌالاجي جا 70 هزار کان مٿي ۽ مختلف چيئرز جا 30 هزار کان مٿي جا ڪتاب وڪرو ٿيا آهن. هن چيو ته هن ميلي جو مقصد رڳو ڪتاب وڪرو ڪرڻ نه هو پر شاگردن توڙي عام پڙهندڙن کي ڪتابن سان ڳنڍڻ ۽ سنڌالاجي ۾ موجود شاندار ڪتابن بابت آگاهه ڪرڻ پڻ هو جيڪو مقصد ڪافي حد تائين پورو ٿيو آهي. اڳتي به هن قسم جون صحتمند سرگرميون جاري رهنديون. منعقد ٿيل ليڪچر تقريب ۾ "جديد دور ۾ ڪتابن جي اهميت ۽ افاديت" جي موضوع تي ليڪچر ڏيندي نامور ليکڪ ۽ مترجم جاويد راڄپر چيو ته جديد دور ۾ ٽيڪنالاجي جي ترقي جي باوجود ڪتابن جي اهميت ۾ ڪمي نه آئي آهي ۽ انهن جي افاديت هميشه برقرار رهڻي آهي. هن چيو ته ڪتاب پڙهڻ ۽ سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ ۾ هڪڙو واضع فرق آهي ته ڪتاب خيالن کي يڪجا ڪري ٿو ۽ سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ سان خيالن جو سلسلو يڪجا نه ٿو رهي. هن چيو ته پوري دنيا ۾ ڪتاب لکندڙن جو قدر ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن کي وڏا مالي فائدا ڏنا وڃن ٿا پر اسان وٽ ليکڪن جو قدر ناهي. هتي گهٽائي

ڪتاب خريد ڪرڻ بدران اعزازي ڪاپي وٺڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. جيڪا روايت ختم ٿيڻ گهرجي ۽ اسان مان هر ماڻهو کي ڪتاب ضرور خريد ڪرڻ گهرجن. اسان جي هر گهر ۾ لائبريري





هئڻ گهرجي ته جيئن نئين نسل جو ڪتابن سان ڳانڍاپو قائم رهي. اختتامي تقريب ۾ ڪتابي ميلي دوران بهترين انداز ۾ ذميواريون سرانجام ڏيندڙ ۽ پنهنجن شعبن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ سنڌالاجي ٽيم کي وائيس چانسلر ميڊتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا. ميڊتا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪندڙن ۾ سعيد احمد ميمڻ، واحد پارس هيسباڻي، سلمي' قيوم شيخ، اعجاز ڪوسو، زاهد ڪلهوڙو، سلطان چانڊيو، صديقه بيگم مغل، زبيده

گانگهرو، محمد حسن قريشي، قلب عباس شاهه، پرويز سمون، ذوالفقار گوپانگ، الله بخش خاصخيلي، دلاور ٽيٻو، ذوهيب بلوچ، عبدالرزاق سنجراڻي، رفيق احمد چانڊيو، سجاد ڪوڪر، شڪيل جنجهي، عامر بشير مسيح ۽ ٻيا شامل هئا. ڪتابي ميلي جي افتتاحي ۽ الوداعي تقريبن ۾ انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عرفانه ملاح، سنڌي شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر نور محمد شاهه، سنڌ يونيورسٽي جي مختلف چيئرز جا ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، ڊاڪٽر ريحانه ملاح، ڊاڪٽر شازيه پتافي، نامور ليکڪ ڊاڪٽر علي مرتضي' ڌاريجو، نامياري ليکڪ پروفيسر رشيده ڀٽي، سنڌالاجي جو اڳوڻو ڊائريڪٽر ۽ ناميارو ليکڪ مرتضي' سيال، سنڌ يونيورسٽي جو ايڊوائيز پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ سيل ساجد قيوم ميمڻ، ناميارو ليکڪ اشتياق انصاري، انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين جو ڊائريڪٽر سعيد احمد منگي، ناميارو ليکڪ ۽ سپلا اڳواڻ انور منصور، نامور ليکڪ حميره نور، ناليوارو ڪهاڻيڪار لياقت رضوي، سنڌ يونيورسٽي جو پي آر او نادر مغيري، نامور ليکڪ نياز پنهور، ادريس جتوئي، منير چانڊيو، مٺل جسڪاڻي، ڊاڪٽر رضا چانڊيو، مير اعظم ٽالپر، ناميارو ليکڪ غلام رسول چانڊيو، فدا حسين ڀاڳت، محمد علي گانگهرو، سڪندر ٻرڙي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا. اختتامي تقريب ۾ تلاوت ڪلام پاڪ جو شرف ڊاڪٽر محمد انس راڄپر حاصل ڪيو جڏهن ته راجا الطاف شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وائي ڳائي. پروگرام جي ڪارروائي واحد پارس هيسباڻي هلائي.




# نئين نسل کي پنهنجي تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي سان ڳنڍڻ وقت جي اهم ضرورت

## سنڌالاجي ۾ نامياري شاعر، محقق ۽ نقاد ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي تحقيقي ڪتاب ”جديد سنڌي شاعري: ترقي پسند ڌارا جو فڪري اپياس“ تي اپياسي ويهڪ منعقد

3 نومبر 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري طرفان نامياري شاعر، محقق ۽ نقاد ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي تازو شايع ٿيل پي ايڇ ڊي جي مقالي ”جديد سنڌي شاعري: ترقي پسند ڌارا جو فڪري اپياس“ تي اپياسي ويهڪ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿي. هن تقريب جي صدارت نامياري ليکڪ جامي چانڊيي ڪئي، جڏهن ته خاص مهمان سنڌ يونيورسٽي جي آرٽس فئڪلٽي جو ڊين ڊاڪٽر محمد خان سانگي هو. ڪتاب تي ڳالهائيندڙن ۾ ناميارا ليکڪ ڊاڪٽر فياض لطيف، علي آڪاش ۽ ڊاڪٽر احسان دانش هئا. تقريب ۾ صدارتي خطاب ڪندي، نامياري ليکڪ جامي چانڊيي چيو ته، ڊاڪٽر اسحاق سميجو اڄوڪي دور جو شاندار شاعر آهي، سندس شاعراڻي حيثيت مقبول به آهي ۽ ان جي اهميت به آهي. هن چيو ته هڪ پارکو جي حيثيت ۾ سندس ڪيل تحقيقي ڪم پڻ منفرد آهي، خاص ڪري شيخ اياز تي سندس ڪيل ڪم بهترين آهي. هن ڊاڪٽر اسحاق جي ٿيسز تي ڳالهائيندي چيو ته، سنڌي ادب ۾ جديد سنڌي شاعري جي ترقي پسند ڌارا تي ايڏي عالمانه سطح جو ٿيل هي پهريون ڳوڙهو ڪم آهي، جيڪو تحقيقي سان گڏ تنقيدي به آهي. هي مفصل، جامع ۽ عالمانه مقالو آهي. سنڌي ادب ۾ جڏهن به ڪير هن قسم جو تحقيقي ڪم ڪندو ته، ڊاڪٽر اسحاق جو هي ڪتاب ان جي رهنمائي جو ذريعو بڻجندو. ڊاڪٽر محمد خان سانگي چيو ڊاڪٽر اسحاق عام روايتي انداز ۾ هي پي ايڇ ڊي ٿيسز نه لکي آهي، پر هن ۾ نئين ڌارا جو فڪري اپياس ٿيل آهي ۽ اهو ئي يونيورسٽي جي استاد جو ڪم آهي. هي تحسين لائق ڪم آهي ۽ هي ڪتاب سنڌي علم ۽ ادب ۾ نئون ۽ خوبصورت اضافو آهي. تقريب ۾ خطاب ڪندي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سيني شريڪ مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽






پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو تہ سنڌالاجي جي روايت رڳو سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن ثقافت، آرٽ ۽ ادب کي سهيڙڻ ناهي، پر تحقيقي مواد محفوظ ڪرڻ، شايع ڪرائڻ ۽ انهن جون رونمايون ڪرائڻ بہ ان جي روايتن ۾ شامل آهي ۽ هي اڄوڪي اپياسي ويهڪ بہ ان ئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. هن وڌيڪ چيو تہ ڊاڪٽر اسحاق جي شخصيت جا چار حوالا آهن، جنهن مان هڪ اهم حوالو شاعر وارو آهي، سندس شاعري ۾ فڪري ۽ جمالياتي حوالي سان نواڻ ۽ نفرت ملي ٿي. سندس ٻيو حوالو نقاد وارو آهي. هن وٽ سگهارو تنقيدي آهي. هو تنقيد جي معاملي ۾ بلڪل واضح ۽ کرو آهي ۽ پاڻ ذاتي تعلقاتن کي پاسي تي رکي، نقاد وارو رول اختيار ڪري ٿو. سندس ٽيون پاسو منتظم وارو آهي، هي زبردست قسم جو منتظم پڻ آهي. سندس چوٿون حوالو محقق وارو آهي، جنهن جو عملي مثال سندس هي ٿيسز آهي، جيڪا ستن بابن تي مشتمل آهي.






هن ٿيسز جو هر باب ڀرپور آهي، جن ۾ ترقي پسند لاڙن کي تفصيل سان بحث هيٺ آندو ويو آهي. هن چيو تہ ڪتاب ۾ جامي چانڊيي جو لکيل مفصل مقدمو بہ پڙهڻ وٽان آهي، جنهن ۾ نوان ۽ بحث طلب نقطا شامل آهن.


تقريب ۾ پنهنجا ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو تہ شاعري، تنقيد ۽ تحقيق منهنجو شعبو آهي ۽ گهٽ شعبن ۾ ٽنگ اڙائڻ کيس قطعي پسند ناهي. هن چيو تہ منهنجو هي تحقيقي پورهيو جنهن جي لکڻ ۽ ڇپجڻ ۾ وڏو عرصو لڳو آهي، ضرور ان ۾ ڪافي گهٽ وڌايون بہ هونديون، ڇو تہ ٿيسز لکندڙ محقق جي مجبوري هوندي آهي، جنهن کي گائيڊ ۽ ايڪسپرٽ جي حد بندين اندر رهي ڪم ڪرڻو پوندو آهي، پر ان جي باوجود مون هن ۾ ڪيترين ئي لکل حقيقتون پڻ ظاهر ڪيون آهن. هن چيو تہ مون کي لڳندو آهي تہ مان شاعر کان اڳ نقاد آهيان. هن چيو جامي چانڊيي ڪتاب جو جيڪو مقدمو لکيو آهي، ان ڪتاب جي سونهن ۽ اهميت ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي. ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر جا بهترين پروگرام منعقد ڪرڻ تي ٿورا پڻ مڃيا.

ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر احسان دانش چيو تہ اسحاق جيڪا بہ جڳهہ ناهي آهي، پنهنجي محنت ۽ قابليت جي بنياد تي ناهي آهي. هن چيو تہ جديد سنڌي شاعري ۾ هن ٿيسز جهڙو جامع ڪم اسان کي سنڌي ۾ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نظر نہ ٿو اچي. نامياري شاعر ۽ اديب علي آڪاش چيو تہ ڊاڪٽر اسحاق سميجي جو هي ڪتاب ڪٽ پيسٽ ٿيل تحقيق ۽ ڊرائنگ روم ۾ ويهي لکيل ناهي، هن ۾ ليکڪ جا پنهنجا اصلي خيال ۽ حاصل ڪيل نتيجا شامل آهن. تقريب جي شروعات ۾ نوجوان ليکڪ سعيد سميجي شاهہ سائين جي وائي پيش ڪئي، پروگرام جي ڪارروائي نامياري ڪمپيئر ثاقب ابڙي بهترين انداز ۾ هلائي. آخر ۾ سنڌالاجيءَ جي آفيسر واحد پارس هيسباڻي سمورن شريڪ مهمانن جا ٿورا مڃيا. هن تقريب ۾ نامور اديبن، اسڪالرن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.




# ”ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ ۾ الله بخش سومري ۽ ٻين سياسي شخصيتن جو ڪردار“ جي موضوع تي ليڪچر منعقد

سنڌ يونيورسٽي جي شعبي تاريخ پاران پهرين ڊسمبر 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي سهڪار سان سنڌالاجي جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ ليڪچر پروگرام بعنوان. " ننڍي ڪنڊ جي سياسي تاريخ ۾ الله بخش سومري ۽ ٻين سياسي شخصيتن جو ڪردار" منعقد ٿيو. تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪئي، جڏهن ته ليڪچرڪار پاڪستان جو ناميارو تاريخدان ڊاڪٽر اشتياق احمد هو. ان موقعي تي قانون جو اڳوڻو وزير محمد عمر سومرو، هسٽري شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر عرفان احمد شيخ، سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف. سنڌ يونيورسٽي هسٽري سوسائٽي جو انچارج ڊاڪٽر بشير جتوئي پڻ معزز مهمانن سان گڏ اسٽيج تي ويٺا. تقريب جي شروعات ۾ تاريخ شعبي جي چيئرمين ڊاڪٽر عرفان احمد شيخ پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ سمورن شريڪ مهمانن کي ڀليڪار چيو ۽ ليڪچر جي مقصدن تي روشني وڌي. ان بعد ليڪچرڪار ڊاڪٽر اشتياق احمد موضوع جي مناسبت سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ۽ ننڍي کنڊ جي ان دور جي سياسي حالتن، خاص ڪري شهيد الله بخش سومري ۽ برصغير جي ٻين نامور شخصيتن جي سياسي ڪردار تي مفصل انداز ۾ روشني وڌي ۽ ليڪچر مڪمل ٿيڻ کانپوءِ هال ۾ ويٺلن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا. پنهنجي صدارتي خطاب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري انتهائي اهم موضوع تي ملڪ جي مشهور تاريخدان ڊاڪٽر اشتياق احمد جو ليڪچر منعقد ڪرڻ تي هسٽري شعبي ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ هن بهترين ليڪچر ذريعي الله بخش سومري ۽ ٻين نامور شخصيتن جي ڪم، ڪوشش ۽ ڪردار سميت ان دور جي سياسي حالتن بابت ڪافي نئين ڄاڻ حاصل ڪئي هوندي. ان موقعي تي عمر سومري ۽ بخش سومري جي پوٽي همير سومري پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. تقريب جي آخر ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجا ويچار ونڊيندي سمورن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيا. تقريب جي ڪارروائي ڊاڪٽر بشير احمد جتوئي هلائي. پروگرام ختم ٿيڻ کان پوءِ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري، ڊاڪٽر اشتياق احمد. ڊاڪٽر عرفان احمد شيخ، همير سومري، عمر سومري ۽ ٻين ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏجي سنڌالاجي ميوزيم جو دورو ڪيو ۽ ان جا مختلف شعبا گهميا.










# ناميارِي اديب، شاعر، استاد ۽ عالم پروفيسر سيد قلندر شاهه لڪياري جي پنجين ورسي جي موقعي تي سندس شاعري جي ڪتاب جي رونمائي تقريب

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي سهڪار سان 7 ڊسمبر 2025ع تي اداري جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ ناميارِي اديب، شاعر، استاد، عالم ۽ محقق پروفيسر سيد قلندر شاهه لڪياري جي پنجين ورسي جي موقعي تي سندس فرزند ڊاڪٽر سيد سردار علي شاهه لڪياري طرفان مرتب ڪيل سندس شاعري جي ڪتاب "ڪلام قلندر لڪياري" جي رونمائي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪئي. ان موقعي تي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ,آرٽس فئڪلٽي جي ڊين ڊاڪٽر محمد خان سانگي، ڊاڪٽر سليمان شاهه لڪياري، شهيد محترمه بينظير ڀٽو سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس دادو جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر اظهر علي شاهه، ڊاڪٽر سردار علي شاهه، ڊاڪٽر عبدالفتاح سومرو، ڊاڪٽر غلام علي ٻرڙو، ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري، ثناء رستماڻي، فهيم نوناري، پروفيسر ممتاز ڀٽي، ناصر پنهور، طارق جوڻيجو ۽ ٻين پنهنجي خطاب ۾ پروفيسر سيد قلندر شاهه لڪياري جي علمي ادبي خدمتن تي ڪيس شاندار ڀيٽا پيش ڪئي ۽ سندس شاعري جي ڪتاب "ڪلام قلندر لڪياري" کي شاعري جو خوبصورت ڪتاب قرار ڏنو. هنن چيو ته سيد قلندر شاهه لڪياري پنهنجي سموري ڄمار علم ادب جي خدمت ڪئي اڀي ڇڏي پاڻ مثالي استاد، بهترين نثر نگار ۽ سچاڻ شاعر هو. تقريب ۾ ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي شاهه سائين جي وائي پيش ڪئي، جڏهن ته ناميارِي ليکڪ رسول بخش تميمي، علي حسن ملاح ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي کي سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا ويا. پروگرام جي ڪارروائي ايڊووڪيٽ نور محمد آرائين هلائي. هن تقريب ۾ استادن، اديبن، شاعرن، شاگردن سميت زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

***

# ڪراچي ڪان آيل استادن، اسڪالرن ۽ آرٽسٽن جي وفد جو سنڌالاجي جو دورو

5 سيپٽمبر 2025ع تي ڪراچي ڪان آيل استادن، اسڪالرن ۽ آرٽسٽن جي وفد جن ۾ ناميارو آرٽسٽ، ريسرچ اسڪالر ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مئنيجمينٽ ڪراچي جو ايسوسئيٽ پروفيسر تقي شاهين، ڪراچي يونيورسٽي ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مينيجمينٽ، ڪراچي جو فئڪلٽي ميمبر ۽ ذهني صحت جو ماهر ساجد حسين خاصخيلي ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مينيجمينٽ، ڪراچي جو اسسٽنٽ پروفيسر ۽ مارڪيٽ نامه پوڊڪاسٽ جو ميزبان ڊاڪٽر محمد زبير شامل هئا, قرب جا قدم ڀري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي آيا ۽ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر سان گڏجي هنن اداري جي ميوزيم ۽ ريسرچ لائبريري جو دورو پڻ ڪيو ۽ اتي موجود شاندار تاريخي، ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي ۽ ناياب قيمتي نوادرات ۽ علمي خزاني کي تمام گهڻي دلچسپي سان ڏٺو ۽ پنهنجي پسنديدگي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ريسرچ لائبريري ۾ قلمي نسخن واري سيڪشن ۾ ڊاڪٽر انس راڄپر کين قديم ۽ ناياب قلمي نسخن بابت آگاهي ڏني. جڏهن ته اخبارن واري سيڪشن ۾ حسن قريشي کين پراڻي ۽ تاريخي اخباري رڪارڊ بابت معلومات ڏني. جنهن کان هو تمام گهڻو متاثر ٿيا ۽ سنڌالاجي کي سنڌ جو اهم تاريخي ۽ ثقافتي ادارو قرار ڏيندي چيو ته هي ادارو سنڌ جي سڃاڻپ جو اهم حوالو آهي، جتي سموري سنڌ جي خوبصورت رنگ سمايل آهن. هن اداري ۾ اچي ۽ اتي موجود قيمتي خزانو ڏسي هو تمام گهڻي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهن. هنن چيو ته سنڌالاجي ۾ موجود قيمتي نوادرات ۽ علمي خزاني جي سهڻي ترتيب ۽ بهترين سنڀال کين تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي. جنهن به هي ادارو نه ڏٺو آهي ان کي ضرور هي ادارو اچي ڏسڻ گهرجي، يقينن سندن دل خوش ٿي ويندي.



# ناماري شاعر ايازگل ۽ ڊاڪٽر احسان دانش جو سنڌالاجي مان ڀيرو

17 سيپٽمبر 2025ع تي نامياروشاعر ۽ خوبصورت نثر نويس محترم ايازگل ۽ نامياروليکڪ، محقق ۽ حيدرآباد ڪاليج يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر احسان دانش انسٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ قرب جا قدم ڀري آيا. هنن ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي سندن وچ ۾ علمي ادبي معاملن تي بهترين گفتگو ٿي. هنن ڊاڪٽر فياض لطيف کي سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ تي دلي واڌايون ڏنيون ۽ اداري ۾ ٿيندڙ علمي ادبي سرگرمين کي تمام گهڻو واکاڻيو هنن ڊائريڪٽر کي اداري جي بهتري لاءِ مفيد صلاحون پڻ ڏنيون. ان موقعي تي محترم اياز گل ڊاڪٽر فياض لطيف کي پنهنجي تازو ڇپيل ڪتابن ايران جو سفرنامو "سارا ٽڪ لهي ويا" ۽ آمريڪا، ترڪي ۽ ميڪسيڪو جو



سفرنامو "نيٽن کي سپنن جي ڳولا" جو تحفو پڻ ڏنو. ڊاڪٽر فياض لطيف سندن آمد جي مهرباني مڃيندي اميد ظاهر ڪئي ته سنڌالاجي جي علمي ادبي سرگرمين ۾ سندن ڀرپور ساٿ رهندو. معزز مهمانن ڊائريڪٽر سنڌالاجي سان گڏ ميوزيم جو دورو پڻ ڪيو ۽ ميوزيم ۾ محفوظ تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي ۽ قيمتي نوادرات کي وڏي دلچسپيءَ سان ڏٺو ۽ ان جي بهترين سار سنڀال جي ساراهه ڪئي. ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو اڳوڻو ڊائريڪٽر مرتضي' سيال،انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين جو ڊائريڪٽر سعيد احمد منگي. نامور ليکڪ حميرا نور، نوجوان ليکڪ منير چانڊيو ۽ سنڌ يونيورسٽي جو پي آر او نادر مغيري ۽ نوجوان پبلشر شڪيل جنجهي ۽ واحد پارس هيسباڻي پڻ موجود هئا.



# ناماري شاعر ۽ آرٽسٽ ايوب گاد سنڌالاجي جي آرٽ گئلري لاءِ خوبصورت پئنٽنگس جو تحفو پيش ڪيو

ڊائريڪٽر سنڌالاجي طرفان ميوزيم ۾ قائم آرٽ گئلري جي وسعت ۽ خوبصورتي لاءِ ڪوششون جاري آهن. گئلري جي مهڙ ۾ خوبصورت دروازي جي تياري سميت گئلري ۾ نيون پئنٽنگس آويزان ڪرڻ لاءِ نامور آرٽسٽن سان رابطن جو سلسلو هلندڙ آهي. انهن ڪوشش جي نتيجي ۾ ئي 25 سيپٽمبر 2025ع تي نامياري شاعر ۽ آرٽسٽ ايوب گاد انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي آرٽ گئلري لاءِ پنهنجي ناهيل ٻن خوبصورت پئنٽنگس جو تحفو ڏنو. ان سلسلي ۾ آرٽ گئلري ۾ منعقد ٿيل هڪ سادي ۽ خوبصورت تقريب ۾ هن سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف کي پئنٽنگس جو تحفو پيش ڪيو ۽ تمام جلد وڏيڪ پيئنٽنگس ڏيڻ جو پڻ واعدو ڪيو. ان موقعي تي مشهور ۽ مقبول فنڪار عاشق نظاماڻي، نامارو ليکڪ مرتضي' سيال، اسڪالر عيسي' ميمڻ، واحد پارس هيسباڻي، سلمي' شيخ، سلطان چانڊيو ۽ ايوب گاد جا فئملي ميمبر پڻ موجود هئا. تقريب ۾ شريڪ معزز مهمانن ڊائريڪٽر سان گڏجي ميوزيم جا مختلف شعبا گهميا ۽ ميوزيم ۾ رکيل شاندار ثقافتي ورثي ۽ قيمتي تاريخي نوادرات سميت آرٽ گئلري جي خوبصورت سجاوٽ ۽ اتي رکيل شاندار پئنٽنگس جي واکاڻ ڪندي ڊائريڪٽر جي اداري جي بهتري لاءِ ورتل ڪوشش کي پڻ ساراهيو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف قرب جا قدم ڪڍي آيل مهمانن کي ڀليڪار چيو ۽ ايوب گاد طرفان خوبصورت پئنٽنگس جو تحفو ڏيڻ تي سندس مهرباني مڃيندي اميد ظاهر ڪئي ته هو آرٽ گئلري لاءِ وڌيڪ ٻيون پئنٽنگس ڏيڻ سان گڏ ميوزيم لاءِ رٿيل آرٽس جي نون پروجيڪٽس لاءِ پڻ سهڪار ڪندو. جنهن تي معزز آرٽسٽ سنڌالاجي سان پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو.

# سنڌالاجي طرفان اڳوڻي وائيس چانسلر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاٽي جي مان ۾ :

# الوداعي تقريب



انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان سنڌ يونيورسٽي جي اڳوڻي ايڪٽنگ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاٽي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سندس مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. سنڌالاجي ۾ منعقد ٿيل هن تقريب جي صدارت ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاٽي ڪئي، جڏهن تہ خاص مهمان يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نيڪ محمد شيخ هو. تقريب جي شروعات ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف شريڪ سمورن مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاٽي هڪ استاد، هڪ اسڪالر ۽ منتظم جي حيثيت ۾ پنهنجون شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ايڪٽنگ وائيس چانسلر طور انهن مهينن جي مختصر عرصي دوران هن باوقار نموني ڪم ڪيو. سنڌ يونيورسٽي لاءِ سندس خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. تقريب کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاٽي چيو تہ سنڌ يونيورسٽي سان سندس 39 سالن جو تعلق آهي ۽ عزت ۽ محبتن جو هي تعلق ڪڏهن بہ ٽٽڻو ناهي. هن چيو تہ ليڪچرار کان پروفيسر، ڊائريڪٽر کان ڊين ۽ پرو وائيس چانسلر کان ايڪٽنگ وائيس چانسلر تائين مون کي يونيورسٽي جي خدمت ڪرڻ جو جيڪو بہ موقعو مليو مون پنهنجي طرفان نيڪ نيتي سان ڀرپور ڪوشش ڪئي. ڊاڪٽر ڪمپاٽي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف جي ڪم جي واکاڻ ڪندي چيو تہ سندس ڪوششن سان اداري ۾ تمام گهڻي بهتري آئي آهي. يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر نيڪ محمد شيخ چيو تہ ڊاڪٽر ڪمپاٽي صاحب پنهنجي علم ۽ ڏاهپ سان سنڌ يونيورسٽي ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ريحانہ ملاح پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو تہ سائين باوقار نموني رخصت ٿي رهيو آهي ۽ رٽائرمينٽ وقت اهڙو شان ۽ مان گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي. انسٽيٽيوٽ آف ڪامرس اينڊ مئنيجمينٽ جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر حاڪم علي مهيسر چيو تہ ڊاڪٽر ڪمپاٽي صاحب جي تعليم ۽ ماحول دوست ائپروچ مثالي آهي. مختلف موقعن تي ساڻس گڏجي ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو مون کيس هميشہ عزت ڏيندڙ اتساهہ ڏيندڙ ۽ آسانيون پيدا ڪندڙ ڏٺو. تقريب جي آغاز ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاٽي کي اجرڪ ۽ ٽوپي جو تحفو پيش ڪيو. هن تقريب جي ڪارروائي واحد پارس هيسباڻي هلائي.



## سنڌالاجي جو ميوزيم گهمڻ لاءِ هڪ ڏينهن گهٽ آهي

### ثقافت کاتي سنڌ جو ايڊيشنل سيڪريٽري عبدالغني مهر

سنڌالاجي جو ميوزيم ايترو تہ وسيع ۽ وڏندڙ آهي جو هڪڙو ڏينهن گهمڻ لاءِ تمام گهٽ آهي، هي ميوزيم بہ ٽي ڏينهن لڳاتار گهمڻ تي دل چوي ٿي. اهڙن خيالن جو اظهار ثقافت کاتي سنڌ جي ايڊيشنل سيڪريٽري عبدالغني مهر 19 سيپٽمبر 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي دوري جي موقعي تي ڪيو .هن ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏ ميوزيم ۽ ٻيا شعبا گهمي ڏٺا. ان موقعي تي هو ميوزيم ۾ محفوظ شاندار تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي ورثي مان تمام گهڻو متاثر ٿيو ۽ اتي موجود ناياب ورثي جي بهترين ترتيب ۽ سنڀال جي ساراهہ ڪئي. هن اداري جي ريسرچ لائبريري ۾ موجود شاندار تاريخي علمي خزاني توڙي سنڌالاجي طرفان ڇپرايل بهترين ڪتابن جي پڻ واکاڻ ڪئي ۽ پنهنجي کاتي طرفان سنڌالاجي جي فلاح ۽ بهتري لاءِ مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر کيس ميوزيم جي بهتري لاءِ مدد ڪرڻ ۽ سنڌالاجي جا ڇپرايل ڪتاب ثقافت کاتي جي ماتحت لائبريرين لاءِ خريد ڪرڻ جي پڻ گذارش ڪئي، جنهن تي هن مثبت موٽ ڏيندي، ثقافت کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري اڳيان اها گذارش رکڻ ۽ فيور ڪرڻ جو يقين ڏياريو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملڻ لاءِ سنڌالاجي ۾ قرب جا پير ڀري آيل ناميارو ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار اڪبر سومرو ۽ شاعر سجاد ميراڻي پڻ موجود هئا، جن پڻ سنڌالاجي ميوزيم توڙي ريسرچ لائبرري گهمڻ کان پوءِ تمام گهڻي سرهائي ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو.

# آغا خان طريقہ بورڊ پاڪستان جي وفد طرفان سنڌالاجي جو دورو وڏي خوشنصيبي قرار



25 آڪٽوبر 2025ع تي آغا خان طريقہ بورڊ پاڪستان جي وفد جنهن ۾ پاڪستان جي مختلف تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ 60 کان وڌيڪ شاگرد ۽ استاد شامل هئا، اداري جي ٽيچر ايڊيوڪيٽر محمد يوسف خواجہ جي اڳواڻي ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو ڪري ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ڪئي ۽ ساڻس گڏجي ميوزيم جا مختلف شعبا گھميا. ڊائريڪٽر کين ميوزيم جي مختلف شعبن ۽ اتي قائم ڪارنرن بابت ڄاڻ ڏني ۽ ميوزيم ۾ محفوظ قديم تاريخي آثارن، تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي، مشاهير گئلري ۾ موجود سنڌ جي نامور شخصيتن جي ڪارنرن، فوٽوگرافس، پينٽنگس، سازن، آوازن، آڊيو وڊيو رڪارڊ بابت آگاهہ ڪيو. جنهن مان هو تمام گھڻو متاثر ٿيا ۽ سنڌالاجي جي دوري کي پنهنجي وڏي خوشنصيبي قرار ڏيندي چيو تہ هتي اچي کين سنڌ جي عظيم تهذيبي ورثي کي ڏسڻ ۽ ان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو شاندار موقعو مليو آهي جيڪو سندن تعليمي ۽ تحقيقي مقصدن ۾ ڪافي مددگار ثابت ٿيندو. ان موقعي تي وفد جي اڳواڻي ڪندڙ محمد يوسف خواجہ چيو تہ اسان جي اداري جو هڪڙو وڏو مقصد نئين نسل کي پنهنجي تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي ورثي سان ڳنڍڻ ۽ ان کان واقف ڪرڻ بہ آهي، جنهن لاءِ تربيتي پروگرامن سان گڏ کين مختلف ميوزيمن، تاريخي ۽ ثقافتي ماڳن مڪانن جا مطالعاتي دورا پڻ ڪرايا ويندا آهن تہ جيئن اهي پنهنجي شاهوڪار تهذيب کي اکين سان ڏسي مشاهدا ماڻي سگھن. هن ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف جي ڀرپور سهڪار ۽ وفد کي پنهنجو قيمتي وقت ڏئي، شاگردن کي ميوزيم بابت تفصيلي آگاهي ڏيڻ جا ٿورا مڃيندي کيس سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جو تحفو پڻ پيش ڪيو. ان موقعي تي محمد يوسف خواجہ ڊائريڪٽر سان ملڻ لاءِ آيل سنڌالاجي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر ۽ نامياري ليکڪ ڊاڪٽر محمود الحسن مغل کي بہ اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو. هن وفد ۾ ڪوآرڊينيٽر رفيق خواجہ، سمير خواجہ، سڪيورٽي هيڊ خواجہ ذوالفقار ۽ ٻيا شامل هئا، جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽي جو استاد ڊاڪٽر رفيق وساڻ بہ گائيڊ طور وفد سان گڏ هو.

# نئين نسل کي سنڌالاجي جهڙن ادارن کي ضرور ڏسڻ گھرجي

## بحريہ فائونڊيشن اسڪول اينڊ ڪاليج قاسم آباد جي شاگردن ۽ استادن جو دورو





30 آڪٽوبر 2025ع تي بحريہ فائونڊيشن اسڪول اينڊ ڪاليج قاسم آباد، حيدرآباد جي 73 کان وڌيڪ شاگردن ۽ استادن پنهنجي پرنسپال محترمہ مريم شيخ جي قيادت ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو ڪيو ۽ ميوزيم جا مختلف حصا گھمي ڏٺا. ان موقعي تي هنن انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف سان پڻ ملاقات ڪئي ۽ ميوزيم توڙي ريسرچ لائبريري جي حوالي سان کانئس ڄاڻ ۽ رهنمائي حاصل ڪئي. ڊائريڪٽر وفد ۾ شامل شاگردن ۽ استادن کي ميوزيم ۾ موجود تاريخي نوادرات، ثقافتي ورثي ۽ لائبريري ۾ محفوظ شاندار علمي خزاني بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو تہ سنڌالاجي سنڌ جي تاريخي، تهذيبي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي روايتن جو امين ۽ نگهبان ادارو آهي، جنهن ۾ املهہ خزانو محفوظ ٿيل آهي. هن اداري کي ڏيهہ پرڏيهہ ۾ منفرد سڃاڻپ ۽ مڃتا حاصل آهي. هن چيو تہ اسان جي نئين نسل خاص ڪري شاگردن کي هھڙن ادارن کي ضرور ڏسڻ گھرجي ۽ مشاهدو ماڻڻ گھرجي جيڪي پنهنجي شاهوڪار تهذيبي ورثي سان ڳنڍڻ جو ذريعو پڻ آهن. معزز مهمانن ڊائريڪٽر سان گڏجي ريسرچ لائبريري جو پڻ دورو ڪيو ۽ ريڊنگ هال ۾ شوڪيسن ۾ ڊسپلي ٿيل قديم قلمي نسخن کي تمام گھڻي دلچسپي سان ڏٺو ۽ هٿ جي خوبصورت لکائي کي ساراهيو. ان موقعي تي بحريہ فائونڊيشن اسڪول اينڊ ڪاليج جي پرنسپال محترمہ مريم شيخ ڊائريڪٽر جي سهڪار جي مهرباني مڃيندي چيو تہ سنڌالاجي شاندار ادارو آهي، جنهن ۾ هڪڙي پوري سنڌ جي سونهن جا منظر محفوظ ٿيل آهن. هن چيو تہ سندس اها ڪوشش رهي آهي تہ هوءَ ٻارن کي بهترين تعليم جو ماحول ڏيڻ سان گڏ هنن تاريخي ادارن کان پڻ روشناس ڪرائي. هن چيو تہ اسڪول ۽ ڪاليج جا ٻار هتي اچي تمام گھڻو خوش ٿيا آهن ۽ انهن ڪافي ڪجهہ نئون ڏٺو ۽ سکيو آهي.



## نامیارن ليککن زرار پيرزادي، ڊاڪٽر زيد پيرزادي ۽ امر پيرزادي جو دورو

روزاني عوامي آواز جو ايڊيٽر، ناميارو صحافي ۽ ليکک زرار پيرزادو، نامیارا شاعر ۽ ليکک ڊاڪٽر زيد پيرزادو ۽ امر پيرزادو 6 نومبر 2025ع تي انسٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري ۾ قرب جا قدم ڀري آيا. هنن ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران سنڌن وچ ۾ علمي ادبي معاملن تي بهترين گفتگو ٿي. ان موقعي تي 8 نومبر تي ٻلهڙيجي ۾ رٿيل انور پيرزادو ادبي ميلي جو پڻ ذڪر ٿيو جنهن ۾ ڊاڪٽر فياض لطيف سميت ٻين نامور علمي ادبي شخصيتن کي مهمان مقرر طور مدعو ڪيو ويو آهي. ڊائريڪٽر پيرزادا ڀائرن کي سنڌالاجي اچڻ تي ڀليڪار چيو ۽ سنڌن علمي ادبي ڪوششن ۽ سرگرمين کي ساراهيو. هن ادبي ميلو انور پيرزادي جي جنم ڀومي واري ڳوٺ ٻلهڙيجي، جنهن کي سياسي سرگرمين جي حوالي سان پڻ ماضي ۾ منفرد سڃاڻپ حاصل رهي آهي ۾ منعقد ڪرڻ واري فيصلي جي به تعريف ڪئي. ملاقات دوران معزز مهمانن اداري ۾ ٿيندڙ علمي ادبي سرگرمين کي تمام گهڻو واکاڻيو ۽ ڊائريڪٽر جي ڪوشش جي تعريف ڪئي. ان موقعي تي معزز مهمانن ڊاڪٽر فياض لطيف سان گڏ ميوزيم ۽ اداري جا ٻيا شعبا پڻ گهميا ۽ اتي محفوظ تاريخي نوادرات، ثقافتي ورثي ۽ علمي خزاني کي وڏي دلچسپيءَ سان ڏٺو ۽ ان جي بهترين سار سنڀال جي ساراهه ڪئي. ملاقات دوران زرار پيرزادي پنهنجي ادارت هيٺ نڪرندڙ اخبار عوامي آواز ۾ سنڌالاجي جهڙي شاندار اداري جي پذيرائي ۽ ناماچاري لاءِ ڀرپور اسپيس ڏيڻ جي پڻ خاطري ڪرائي. ان موقعي تي ڊاڪٽر زيد پيرزادي پنهنجي مضمونن جو تازو ڇپيل ڪتاب "مثبت سوچ" ۽ امر پيرزادي پنهنجي ڪالمن جو ڪتاب "سوچ به ڪڙڪو آهي" ڊاڪٽر فياض لطيف کي تحفي طور ڏنا. ڊائريڪٽر سنڌالاجي سنڌن آمد جي مهرباني مڃيندي اميد ظاهر ڪئي ته اداري جي علمي ادبي سرگرمين ۾ سنڌن ڀرپور ساٿ رهندو.

## نامياري ليکک ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيي جي جنم ڏينهن تي سنڌس سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ويو

نامياري ليکک پروفيسر ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيي جي جنم ڏينهن جي موقعي تي 5 ڊسمبر 2025ع تي ڊائريڪٽر سنڌالاجي جي آفيس ۾ سنڌس مان ۾ سادي ۽ خوبصورت تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيي، ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف، نامياري ليکک مرتضي' سيال ۽ نامياري شاعر ارڏي اترادي سان گڏجي پنهنجي جنم ڏينهن جو ڪيڪ ڪاٽيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر فياض لطيف ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيي کي جنم ڏينهن جون واڌايون ڏيندي سنڌس علمي ادبي خدمتن جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته هڪ مثالي استاد جي حيثيت ۾ پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو عرصو درس و تدريس کي ڏيندڙ سائين عبدالمجيد صاحب جون ادبي حوالي سان پڻ شاندار خدمتون آهن. سنڌس



ادبي موضوعن توڙي حالات حاضره تي لکيل مضمون تمام گهڻا پڙهيا ۽ پسند ڪيا ويندا. خاص ڪري عالمي اشوز تي کيس ڀرپور دسترس حاصل آهي. مرتضي' سيال چيو ته ڊاڪٽر عبدالمجيد سان نيازمندي جو تعلق تمام پراڻو آهي، مون کيس هميشه پرخلوص ۽ وڙائتو ڏٺو آهي. نفيس ۽ مانيٽي طبيعت رکندڙ چانڊيي صاحب جو سڀاءُ نهايت ئي وڻندڙ آهي پاڻ بهترين ليکک ۽ بهترين انسان آهي. ارڏي اترادي چيو ته ڊاڪٽر مجيد صاحب تدريس توڙي ادب سان ڀرپور نموني نڀايو آهي، پاڻ قابل اسڪالر، استاد ۽ بهترين قلمڪار آهي، سنڌس جنم ڏينهن جي هن خوبصورت تقريب ۾ شرڪت جو موقعو ملڻ تي هو تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيي ڊاڪٽر فياض لطيف سميت سمورن شرڪت ڪندڙن جا ٿورا مڃيندي چيو ته دوستن هي جيڪو مان ڏنو آهي ان لاءِ مان سنڌن تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. هن چيو ته زندگي هڪ ڀيرو ملي ٿي مون ان جو هر ڏينهن سجايو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ منهنجي زندگي جا اهم مقصد رهيا آهن. بهترين دوست زندگي جو وڏو سرمايو هوندا آهن ۽ مان هن معاملي ۾ خوشنصيب آهيان جنهن کي سٺا دوست مليا آهن.



# سنڌالاجي شاندار ادارو آهي

## انڊس ٽيڪ ويلي سائوٿ ريجن جي مئنيجر سبحان احمد شيخ جو دورو

انڊس ٽيڪ ويلي سائوٿ ريجن جي مئنيجر سبحان احمد شيخ سنڌ يونيورسٽي جي ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز طرفان 11 ڊسمبر 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ ڊجيٽل صحافت جي موضوع تي منعقد ٿيل سيمينار ۾ مکيه مقرر طور شرڪت ڪرڻ کانپوءِ ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران ڊجيٽل ٽيڪنالاجي جي ترقي، گوگل سميت ٻين مختلف پليٽ فارمز جي استعمال، ادارن کي انهن مان حاصل ٿيندڙ سهولتن ۽ فائدن سميت مختلف علمي معاملن تي گفتگو ڪئي وئي. ان موقعي تي ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز جو چيئرمين ڊاڪٽر محمد قاسم نظاماڻي، سي آر ڊي سي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر راشد کهڙو، واحد پارس هيسباڻي، فدا حسين ڀاڳت ۽ سيد وجاهت حسين شاهه پڻ موجود هئا. معزز مهمان ڊائريڪٽر سنڌالاجي سان گڏ ميوزيم سميت اداري جا مختلف شعبا پڻ گهمي ڏٺا ۽ اداري ۾ محفوظ تاريخي ثقافتي، نوادراتي ۽ علمي خزاني کي تمام گهڻي دلچسپي سان ڏٺو ۽ ان جي واکاڻ ڪئي. ان موقعي تي هن پنهنجا تاثرات ونڊيندي چيو ته سنڌالاجي شاندار ادارو آهي، جنهن بابت هن ٻڌو ته تمام گهڻو هو پر هتي اچي پنهنجي اکين سان شاندار تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي ورثو ڏسي هو تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. هن چيو ته ملڪ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن کي اهڙو شاندار ميوزيم ضرور ڏسڻ گهرجي.

## ناميارڻي ليکڪ خير محمد کولاچي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪئناڊا مان آيل وفد جو سنڌالاجي جو دورو

ڪئناڊا ۾ رهائش پذير سنڌ ڄاوڻ جي وفد ناميارڻي ليکڪ خير محمد کولاچي جي اڳواڻيءَ ۾ 23 ڊسمبر 2025 ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو دورو ڪيو ۽ ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف سان ملاقات ڪئي. وفد ۾ شامل معزز مهمانن ۾ مبشر ملڪ، عمران شيخ ۽ شبير کولاچي شامل هئا. ملاقات دوران علمي ادبي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جن ۾ سنڌ سميت ڪئناڊا ۾ ٿيندڙ علمي ادبي سرگرمين تي پڻ ويچار ونڊيا ويا. ڊاڪٽر فياض لطيف معزز مهمانن کي سنڌالاجي اچڻ تي ڀليڪار چيو ۽ سندن آمد کي عزت ۽ خوشي ڀري ساعت قرار ڏنو. ان موقعي تي ڊائريڪٽر وفد کي ٻڌايو ته سنڌالاجي سنڌ جي تاريخي، تهذيبي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي روايتن جو امين ۽ نگهبان ادارو آهي. هن اداري جي ميوزيم توڙي لائبريري ۾ املهه ثقافتي ۽ علمي خزانو محفوظ ٿيل آهي. هن اداري جي خدمت وڏي ڀاڳ ۽ سعادت واري ڳالهه آهي. هن چيو ته منهنجي ڪوشش آهي ته انهن روايتن کي ساڳئي تسلسل سان اڳتي وڌايان جيڪي اسان



جي محسنن قائم ڪيون ۽ اداري جي بنيادي جوهر ۾ شامل آهن. ان موقعي تي ڊگهي عرصي کان ڪئناڊا ۾ رهندڙ خير محمد کولاچي ٻڌايو ته دنيا جي ٻين ملڪن جيان ڪئناڊا ۾ پڻ سنڌين جو ججهو تعداد روزگار، تعليم ۽ ڪاروبار جي مقصدن تحت رهائش پذير آهي ۽ اتي رهندڙ سنڌي هڪٻئي سان جڙيل آهن ۽ مختلف ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ذريعي ميلا مچايا وڃن ٿا. عمران شيخ، مبشر ملڪ ۽ شبير کولاچي چيو ته ڪئناڊا هڪ خوبصورت ملڪ آهي پر سنڌ جي سونهن الڳ آهي. اسان جي مٽي جي مهڪ منفرد آهي. اسين ڀلي ڪٿي به هجون اسان کان پنهنجي خوبصورت ڳوٺن جون گهٽيون، سرسبز ٻنيون ۽ نديڻ ۾ ڪيڏيل ٻاراڻيون رانديون ڪڏهن به وسري نه ٿيون سگهن. ان موقعي تي معزز مهمانن ڊائريڪٽر سنڌالاجي سان گڏ ميوزيم ۽ ٻيا شعبا پڻ گهميا ۽ ميوزيم ۾ محفوظ تاريخي نوادرات، ثقافتي شين، نامور شخصيتن جي ڪارنرن، سنڌ جي رهڻي ڪهڻي جي رنگن، قديم زيورن، آرٽ جي فن پارن سميت لائبريري ۾ محفوظ شاندار علمي خزاني کي تمام گهڻو ساراهيو ۽ چيو ته هن اداري کي ڏيهه پرڏيهه ۾ منفرد سڃاڻپ ۽ مڃتا حاصل آهي. هنن چيو ته ميوزيم ۾ گهمڻ آيل شاگردن جو وڏو تعداد ڏسي هو تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهن. نوجوان ئي اسان جي روايتن ۽ هن عظيم ورثي جا محافظ آهن. اسان جي نئين نسل کي اهڙن ادارن کي ضرور ڏسڻ گهرجي ۽ مشاهدو ماڻڻ گهرجي. هنن ڊائريڪٽر جي خلوص جي مهرباني مڃيندي چيو ته سنڌالاجي شاندار ادارو آهي، جنهن جي بهترين نموني سنڀال ڪئي وئي آهي.

# سنڌالاجي جي لائبريري انچارج سعيد احمد ميمڻ جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سنڌس مان ۾ الوداعي تقريب



30 سيپٽمبر 2025ع تي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ريسرچ لائبريري جي انچارج سعيد احمد ميمڻ جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سنڌس مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. اداري جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم ۾ منعقد ٿيل هن تقريب جي صدارت سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ڪئي، جڏهن ته تقريب جو خاص مهمان سعيد احمد ميمڻ هو. تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن جي سعادت ڊاڪٽر محمد انس راڄپر حاصل ڪئي. جڏهن ته غلام عباس شاهه گيت پيش ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر فياض لطيف پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته نوڪري ۾ اچڻ ۽ رٽائر ٿيڻ هڪ عام معمول جي ڳالهه آهي. ڪٿپ ماڻهو جي ڪيل ڪم ۽ ڪردار جي ٿيندي آهي ۽ ڪردار ئي ماڻهو جي سڃاڻپ جوڙيندو آهي. هن چيو ته دنيا اندر جن شخصيتن کي ميڃتا مليل آهي، اها سندن ڪيل مثالي ڪم جي ڪري ئي مليل آهي. هن سعيد ميمڻ جي خدمتن کي ساراهيندي چيو ته هن ڪيس هميشه نهايت ئي ذميواري سان پنهنجو فرض ادا ڪندي ڏٺو. لائبريري جي حوالي سان جيڪا به ڪيس اسائنمينٽ ڏني وئي هن وقت سر ۽ بهتر انداز ۾ مڪمل ڪئي. هن چيو ته لائبريري ۾ ڪتابن جي بهتر انداز ۾ ترتيب، انهن جي سنڀال سميت ڪتابن جي ڊجيٽلائيزيشن واري هلندڙ ڪم جي هن بهترين نظرداري ڪئي. هن چيو ته سعيد ميمڻ جون خدمتون سدائين ياد رهنديون هن لاءِ سنڌالاجي ۽ سنڌن دل جا دروازا سدائين کليل هوندا. تقريب ۾ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي سعيد احمد ميمڻ چيو ته نوڪري جو پهريون ۽ آخري ڏينهن ماڻهو کان ڪڏهن به نه وسرندو آهي. هن چيو ته پنهنجي سروس دوران هن يونيورسٽي ۾ مختلف جاين تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ هر هنڌ کيس تمام گهڻي عزت ملي. جيتوڻيڪ سندس فئملي آمريڪا ۾ رهي ٿي پر هن هتي رهڻ ۾ ئي خوشي محسوس ڪئي آهي. هن چيو ته سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ۽ سيني ساٿين جيڪو هي مان بخشيو آهي، اهو هميشه ياد رهندو. هن چيو ته سنڌالاجي لاءِ سندس اعزازي خدمتون سدائين حاضر هونديون.

تقريب ۾ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف، سعيد احمد ميمڻ کي ٽوپي پارائي ۽ لنگي اوڍائي. جڏهن ته اداري جي آفيسرن ۽ ملازمن پنهنجي رٽائر ٿيندڙ ساٿي کي اجرڪن، گلدستن ۽ گلن جي هارن جا تحفا پيش ڪيا. پروگرام جي ڪارروائي واحد پارس هيسباڻي هلائي.

# گڏيل ٽيم ورڪ جا بهتر نتيجا:

## ڊائريڪٽر جي صدارت ۾ اداري جي سيڪشنل هيڊز جون ماهوار گڏجاڻيون





شعبن جي ڪارڳردگي کي جاچڻ، ملازمن جي پرفارمنس کي بهتر بڻائڻ ، هلندڙ منصوبن جي اڳڀرائين جو جائزو وٺڻ ۽ اداري جي بهتري لاءِ گڏيل صلاح مشورا ڪرڻ لاءِ ڊائريڪٽر سنڌالاجي ڊاڪٽر فياض لطيف طرفان سيڪشنل هيڊز جي گڏيل ۽ الڳ الڳ ماهوار گڏجاڻين جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي. جنهن تحت هر مهيني جي 2 تاريخ تي ڊائريڪٽر آفيس ۾ گڏجاڻي منعقد ڪئي وڃي ٿي جنهن سيڪشنل هيڊز پوري مهيني جي ڪارڪردگي رپورٽ لکت ۾ ڊائريڪٽر کي پيش ڪن ٿا ۽ جنهن جو جائزو وٺي ڊائريڪٽر گهربل هدايتون ڏئي ٿو. هنن گڏجاڻين جي نتيجي ۾ جتي شعبن جي ڪارڪردگيءَ ۾ نمايان اضافو ٿي رهيو آهي اتي ملازمن جي پرفارمنس ۾ به بهتري اچي رهي آهي ۽ گڏيل اعتماد واري ماحول کي پڻ هٿي ملي رهي آهي.



# سنڌالاجي جي ريسرچ لائبريري جي ريڊنگ هال جي نئين خوبصورت ترتيب










انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف چارج سنڀالڻ جي پهرين ڏينهن کان ئي اداري جي بهتري، ترقي، ترويج ۽ ناماچاري لاءِ ڪوششان آهي. سندس ڪوشش سان جتي اداري جي ڪارڪردگي ۾ بهتري آئي آهي، سمورا شعبا پوري ذميواري ۽ جفاڪشي سان پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. اتي مرمتي ڪم ڪار ذريعي اداري جي ڏيک کي خوبصورت بڻائڻ، شين جي ترتيب کي بهتر بڻائڻ واريون اڳڀرايون پڻ نمايان نظر اچي رهيون آهن. ڊائريڪٽر جي انهن ڪوشش کي اداري ۾ ايندڙ معزز مهمانن طرفان پڻ تمام گهڻو ساراهيو پيو وڃي. اداري جي پير حسام الدين راشدي آڊيٽوريم کان وٺي ايڊمن بلاڪ، ميوزيم ۽ لائبريري جو ڏيک ڪافي بهتر ٿيو آهي. تازو ريسرچ لائبريري جي ريڊنگ هال جي فرنيچر ۽ شوڪيسن کي جيڪا نئين ترتيب ڏني وئي آهي، اها نهايت ئي وڻندڙ ۽ سهڻو ڏيک ڏيندڙ آهي. هن نئين ترتيب سان جتي ريڊرس جي ويهڻ جي گنجائش وڌي آهي، اتي سيڪشن اندر شيشن جي شوڪيسن ۾ ڊسپلي ٿيل نهايت ئي اهم قديم قلمي نسخا ۽ ڪتابن جا ڪارنر پڻ وڌيڪ نمايان ٿيا آهن. اها خوبصورت تبديلي هنن تصويرن ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

لائبرريءَ جي هن زيب ۽ آرائش ۾ ملازمن جي محنت سان گڏوگڏ لائبرري انچارج عتيق احمد پنهور جو ڪردار پڻ واکاڻ جوڳو آهي.


جديد سنڌي شاعري